ٿلهہ: ڪعبو قلبي قرب قرآن آ ـ
عشق اسان جو دين ايمان آ.

انا الحق عشق الائيو، حال حلاجي حڪم هلائي ـ
حيرت انهيءَ ۾ جڳ حيران آ.

نماز نٿڙت آ نينهن وارن جي، تن تسبيح منصور پارن جي
راضي انهن تي رب رحمٰن آ.

ڪوڙ ڪفر ڪئون منهن موڙيو، وهم وجهہ جاتڳا توڙي
صوفين جو جمنا سنان آ.

گگهن گوهر شاهہ مينگهہ ملاريو، باغ بندر تي برہ بهاري
برسر برابر بُلند بُستان آ.

•

ٿلهہ: جن وٽ آيو خبر انهن کي، عشق اصل ڪوڻ آهي امير،
رانجهن بنجي جوڳي آيو، ڇڏي تہ پنهنجا تخت وزير.

سڪ منجهان صنعان سچارو، چاري روزانو خنزير،
حُسن ڪيو حيران سياڻو، ڇڏيائين نمازن جي تڪبير.

مجنين جو ويراڳ وڻن ۾، ثابت ٿيئڙو سرهو سير،
برہ ليليٰ جي ڪيو بيراڳي، ڇڏي ڏنائين جايون جاگير.

صيفل ڪاهي سمنڊ ۾ پيئڙو، ڏسي بديعل جي تصوير،
عشق اجاري ارم رسايو، وجي پيتائين پٽ اڪسير.

گياني گوهر شاهہ غم لهي ويو، فيض فهم جو ڏنو فقير،
برہ واري بستان بيراڳي، وجي ماڻيائون موج ملير.

•

تلهہ: سارنگ ڇا سينگارہ مينهن تي مَتّياہ

سارنگ سانگ ڪري آيو سُرهوءِ وٺي برسات ڪٿوري ترهوءِ
وسي پئي وڏڪارہ دولهہ دُک ڪٽيا.

اتر پار ڏي ڪڙا ڪڪر ٽياہ موهر متارا ڀَمڪن ڀڪر پياہ
وسي پيا وَلهارہ ڪاهڙ ڪنيپ ڪٽيا.

ڪنوڙين ڏاڍا ڪيل ڪياہ آڏيءَ جو مينهن ميل ڪياہ
جُهڙ ڦڙ جي جنسارہ آڻي جهنگ جَهٽيا.

سارنگ لاءِ سِڪن پيا تاڙاہ سانگي مينهن، گُهرن ڪنيون ساڙهاہ
پهري ڪوڪڙ ڇا هارَہ تاڙِٽ تن متّيا.

گوڙ گوهر شاهہ ٻُجهي بادل ۾ مهر موچاري سُجهي بادل ۾
گاهن ڇا گلزارہ ڪٻڙهن نا گهٽيا.

•

تلهہ: سناسين جيان سدا سچ ۾ وَتان دونهيون دکائيندوءِ
ڪري جوڳي ويو جاني، وَتان مرليون وڄائيندو.

ماٺهو تا چون چريو آہ خرابين منجهہ ڪريو آہ
وس پنهنجي ۾ ناهيان مان، وتان ڳوڻن ۾ ڳائيندو.

ٽُٽا ڏاڳا عداوت جاہ چڙهي ويا منڍ محبت جاہ
سچڻ جي مان سخاوت جاہ وتان سخن سڻائيندو.

گوهر شاه چوي لنگهي لانگهوءِ چني سڄڻ چڏيو سانگوءِ
جنين جي نينهن ڪيس نانگوءِ وتان در در پڇائيندو.

•

تلهہ: هيڏو ستم سَهايئيِ، مون تي تورو لڪن جولايُئيِ.

جرجيس کي ڏيئي جفاءِ قتل يحييٰ ڪرايئيِ،
سرمدؔ عليءَ کيِ، سهڻا سائين هڪ هڪ ڪري مارايئيِ.

بلاوَلؔ کي برهہ ۾ ڏاڍي پيچ پيڙايئيِ،
ڏئي زور ذڪريا تيِ، سر ڪرٽ سان چيرايئيِ.

حضرت يوسف کيِ، پاڻرن هٿا راڻ، ٻڌي کوهہ ۾ وجهايئيِ،
ڪنعان ۾ ڪيئي ورهہ، حضرت يعقوب کي رُئاريئيِ.

حضرت ابراهيم نبيءَ کي آڙاهہ ۾، ويرين کان وجهايئيِ،
حضرت اسماعيل کي ذبح لاءِ، ڪوٺيِ، آٽي کهايئيِ.

امام حسَن کي زهر ڏئيِ، امام حُسين رڻ ۾ کهايئيِ،
ڪربلا ۾ ڪوڪ وِجهيِ، ڪني عشق جي ۾ ڪنايئيِ.

گوهر شاهہ کي برهہ اندرِ، ننگرہ ننگر نچايئيِ،
سِر سيد جو وِڍي نيزي چاڙهي ڦيرايئيِ.

•

تلهہ: جن سان سنگتؔ ناهي ڪو ذات،
سي جوڳيئڙا جڙلائي ويا.

گيڙو رتڙيون، گودڙيون، ڪنين ڪنڍل، هٿ ۾ ڪات،
ڦيريون ڏئي تہ ڦاسائي ويا.

پورب پچي ويا جيڏيون، تن جي وسري مور نہ بات،
برهہ جي بين وڄائي ويا.

گوهر شاهہ چئي ويو هوءَ ۾ گنجيِ، الله مليس عرفات،
پنهنجو ڏيهہ ڏسائي ويا.

•

ٿلھ: رک خبر ڪا لا حد واريءِ ناٿ نسنگ ٿي نينھن نياري جي،
طلسم افلاطون بنايوءِ ڪيئن چل پل ٿي راند ڪيڏاري جي،
اِڪ جيءَ ڪاٿي مؤن، ٻاهر ٿيندينءِ خبر پوندٿي خيال ساري جي،
سڀ ڪو مسافر ھن دنيا ۾ گھڙي ساعت آھ گذاري جي،
مثل حُباب جي دور دنيا جوءِ پاڙ ڪھڙي آھي اُن ويچاري جي،
جتي آهي دربار خدائيءِ گُھرج اتي آهي وره واري جي،
تارڪ طالب طمع ڪؤن ٿئيءِ ڪو چڻي لالچ لوڪ لاري جي،
گڏيا گوهر شاھ غازي گُر ڪيءِ صلاح وساري نفس ڪاري جي،

•

ٿلھ: احد سوئيءِ احمد سوئيءِ وٿي نہ ويجھو وار ياڻيان،
صورتءِ مورت محمد مولاءِ نور ظاهر نروار ياڻيان،
انا احمد بلاميميءِ حديث ۾ اظهار ياڻيان،
هر مظهر جي سونهن صفاتيءِ دلبر جو ديدار ياڻيان،
گوهر شاه چئي غير ويو ساروءِ اسم سندو اسرار ياڻيان،

•

تلهہ: عشق اُمارا کرکي آنديا، باز چنبين وچ بحري چاندا،

عاشق نون چا اُتهين نيتيس، ڏيکو کَمَ ول کهڙا کيتس،
مار چنبا زت مڙيوئي پيتس، نهين درد کنون کوئي بازو واندا،

ڏي جزب وچون جهارا جهت پٽ، چايس چنبي وچ پڙ تي پونسٽ،
چاڙهہ چلهي تي کيتس پوڳٽ، قوت کباب کرکي کا ندا،

لوڻ مصالحي مرچ ملاکي، جوڙ کي شيخان پُرپکا کي،
آٽ ڏريندا شيخان سيڪاکي، ونڊونڊ ڪاوي کرکي چاندا،

عشق رانجهن دا عجب تي آيا، سمجهہ سياليان تسان پرجهہ نہ پايا،
غازي گوهر شاه ٻاتا لايا، ڳلي ڳلي وچ ڳالهيان ڳاندا،

•

تلهہ: آيا نشانبر نينهن نروار دا، درشن والي دم ديدار دا،

قرب والي چا لاوي کاتي، عشق عروج کر ادب اثباتي،
ذوق زليخا لڳڙا ذاتي، نال يوسف دي حسن هبڪار دا،

کي اندر چون ٻيائي جهڳڙا، فرهاد جبل ڏونگر پڳڙا،
شوق شيرين دا شاهي لڳڙا، صورت والا سيف سينگار دا،

اڏيا دل وچ دردين ديرا، مجنو بر وچ ڏيندا ڦيرا،
کڙا وساوي عشق آکيرا، لڳا اُسکون وره ولهار دا،

عشق آيا هي پاک عجابي، کرکي نشانبر ناز نوابي،
گهور گوهر شاه مار شتابي، کليا چهرا خم خمدار دا،

•

ٿلھہ: خدائي والا صورت دي وچہ نور هئي پسيندا پسيندا،
ڪارڻ ليليٰ مجنو بر وچہ برھہ هئي وسيندا وسيندا.
رانجھن آکي رنگپور دي وچہ جوڳي نام ڏسيندا ڏسيندا،
زليخان دي يوسف ٿي ڪيہ دلڙي يار ڪسيندا ڪسيندا،
آکي گوهر شاهہ درگاهہ دي وچہ رمزان نال رسيندا رسيندا،

•

ٿلھہ: گهرو رنگ گلابيہ غازينہ پرت مجھارئون پھريو يار،
مَتام مٿخاني موکي مت تيہ صوفي ڳائي سِھرو يار،
سي نشانبر ناٿ نچن ٿام نينھن جنين جو نھرو يار،
مستانن ڪيہ مرشد وَٽانہ دان مليو آ دھرو يار،
ڏسي گوهر شاهہ بنيو بُلبُلہ چشمن وارو چھرو يار،

•

ٿلھہ: آهين پر گھٽ پاڻ خدام ڪيٿن چوان توکي ناهينہ ناهين،
آهين رَل مَل جيءَ سان جانيہ ناهين ساعت دم جدام
ڪيٿن چوان توکي ناهينہ ناهين،
مندرہ مسجد تو هين تونہ طلب وارا وچن تندام
ڪيٿن چوان توکي ناهينہ ناهين،
پيرہ فقيرہ امير سناسيہ تنھنجي سارھہ وتن ڪندام
ڪيٿن چوان توکي ناهينہ ناهين،
مرشدہ مستہ ملنگھہ آ معنيٰہ تون گوهر شاهہ آهين گدام
ڪيٿن چوان توکيہ ناهينہ ناهين،

•

تلھ: نينھن مان نروار ٿيا، ننڍ ڇڏي نانگا گهٽي،
روز شب تن کي رنگي، دل ۾ آهي دائم ڏٽي.
ٽال جي بستي ڇڏي، طالب ٿئي ڪو ترڪ جو،
ڪيئي طمع تڙي ڇڏيا، طمع جي جن کي تٽي.
وحدت جي واٽ ۾، واقف ٿيا ويچار ڪؤن،
ورهٔ جي ويراڳ جي، ويڙه تن کي آوٽي.
ڪيل ۾ خرڪو پائي، ڪُپي بيٺا خان ٿي،
خوف سان خدا جي، خيال ويا خامي ڪٽي.
گوهر شاهہ غازي ڪئين، در وڪاٽا دوست جي،
پير مُغان پڳدار جي، پيرن سندي آهيون پٽي.

●

تلھ: ڪوئي مرد ٿي ماڳ ملهاوي، بار ملامت چاوي چاوي.
پرت والا پي پيالا، گل پيشوازي پاوي.
عاشق بن اظهار احد ڪا، آراڏي تي آوي.
جوڳ دي وچ جسم جلاڪي، جوڳي جوت جڳاوي.
گوهر شاهہ گام وحدت وچ، نينھن نشانبر لاوي.

●

ٿلهہ: عشق اسان کَڻ آياءِ راول رنگڙا لايا

پر پيالي محبت واليءِ پيچ پرت دا پاياءِ
راول رنگڙا لايا.

رانجهڻ والي رمز رڳڻ ديءِ روح اسا ڏا راياءِ
راول رنگڙا لايا.

سير صفت کاءِ صوفي سهراءِ ڳلي ڳلي وچ ڳاياءِ
راول رنگڙا لايا.

غازي گوهر شاهہ عاشق ٿي کيءِ بار برهہ دا چاياءِ
راول رنگڙا لايا.

•

ٿلهہ: وحدت وک ويراڳيءِ وڏا وڻ تون صدقيءِ
واحد والي صورتءِ وِکا وڻ تون صدقي.

چوڏس چال چوڌاريءِ چوگان چشميءِ
چالا چاهہ والا چلاوڻ تون صدقي.

هکل والي حمليءِ کرکي حکم حاضرءِ
هوکا حال هرجاءِ هلاوڻ تون صدقي.

قدم دم قلندرءِ کراري کَسر وچءِ
قائم قرب قلبي کماوڻ تون صدقي.

گُلان دي گلزاريءِ مگهن دي ملهاريءِ
گهٽيان وچ گوهر شاهہ گهما وڻ تون صدقي.

•

تلھ: سير وڪايو صفات اسان ڪي، آھي طلب تن ۾ تات اسان ڪي.
در مالڪ جي ڳاري ڳل ۾، ورھ واري وائي وات اسان ڪي.
فاني دنيا فڪر ڪري ڏس، برھ ٻتائي بات اسان ڪي.
الاھو جي اور اسم جيء لڱن لُڱن جي اندر لات اسان ڪي.
گوھر شاھ واھ واھ وٺي آء ذڪر فڪر جي ذات اسان ڪي.

•

تلھ: ڪيو آ ظاھر ذات اسان ڪي برھ واري برسات اسان ڪي.
عشق آدم خور اصل ڪان، آيو ڏسڻ ۾ آفات اسان ڪي.
ورھ ويڪائي سيني اندر، طور واري تجلات اسان ڪي.
عشق امانت آئي اسان وٽ، ڏاتر ڏني آ ڏات اسان ڪي.
گوھر شاهي چئي غم گوندر وياء عشق ٿيو اثبات اسان ڪي.

•

تلھ: آيو عشق آواز ڪري، نيٽڻ وارو ناز ڪري.
محبت وارو مينھن وسائي، ڪربل پڙ ۾ پيرڙا پائي،
رڻ ۾ لائون تھين لڏيون، رندن وارو راز ڪري.
وحدت واري ويڙھي ۾ ويھي، ورق ورھ جا واري،
قالو بليٰ قول سنڀاري، قلبي ڪوڏ قواز ڪري.
سوريءَ تي منصور چڙھي، اناالحق پڪار ڪئي،
شهزور شتابي.شير واري شاهي شوق شھباز ڪري.
گوھر شاھ گلزار حُسن ۾ عشق واري اظھار اندر،
صوفي سھرو ثابت ڳائڻ، صورت وارو ساز ڪري.

•

تلهہ: آيا مير مَرڪيءَ ميثاقي منڊل تيءَ
هٽي تان ترنم ترانَي طبل تيءَ.

هٽي نينهن نعروءَ سڏائين سوپاروءَ
قدم ۾ ڪراروءَ بزم جي بِگُل تيءَ.

رقص روپ رنگيءَ ڪري جوڙ جنگيءَ
سازن ساڻ سنگيءَ شاهاڻي شغل تيءَ.

قدم ڪوڙ قلزمءَ حاصل حال هم دمءَ
هٽي هام هردمءَ حلا جي هڪل تيءَ.

گوهر شاهہ چئي ورسيءَ سڏاتن جي سرسيءَ
برهہ بوند برسيءَ عوشاقن عمل تيءَ.

●

تلهہ: ڪهڙي خبر پڇو مون کان سرتيون وريءَ جڏهن عشق لڳو تڏهن تيس چريءَ.

هلان هاڙهي ۾ قربئون ڪاهہ ڪريءَ پنهل ڪاڻ پٿر ۾ پير پريءَ
رڙان روز پئي آيس عشق اريءَ منهنجي اندر عشق جي آڳ ٻريءَ.

هليون هام هٽي ڪيچ ڪيڏيون ڙيءَ ڳالهيون هاڙهي جون سُٽي هيڏيون ڙيءَ
سي پوئتي وريون جيڪي جيڏيون ڙيءَ آءُ ڪاهي پيس لڳي ذوق ذريءَ.

ڪندو قرب مون تي ڪيچ ڌڻيءَ سرتيون سُڃن ۾ آهيان هڪڙي جڻيءَ
ڪيس نينهن پنهل جي نروار ڪٺيءَ اهڙو عشق آهي پوندو ڏونگر ڏريءَ.

غم گوهر شاهہ سر چايوڙيءَ پلئو پاند ڳچيءَ ۾ پايو ڙيءَ
وچان ڪيچ وڻن ڏي ڪاهيو ڙيءَ ڪاري ڏونگر جا ويا ٽڪر ٽريءَ.

●

ٿلهہ: مورت محمد واري معنيٰء خدا خود ذات تون آهين.

پهري پوش آدمہ جوء ڏسڻ آئين پنهنجو تجلوء
درياهون پار چڪيءَ کي چُڪي ڏٺي پيو هر دمہ چاهين.

اصل طوطي مثل تنهنجوء نشانبر نور نياروء
ڇپائي قلب ۾ قدرتء ڪعبہ ڪنهن لاءِ وري ڪاهين.

ڪٿي سامري سڪندر تونء ڪٿي عيسيٰ ڪٿي موسيٰء
ڇپائي تو ذات صفت ۾ء نڳيءَ جا ٿاهہ پيو ٿاهين.

گدا گلزار گوهر شاهہ پوڪاريء پياس مؤن پلپلء
آهين غلامہ تون درجوء پيو وري جوان تون چاهين.

•

ٿلهہ: آهي پرواهہ عاشقن ڪيء نيڻن واري نظاري جي

پائي پيشواز پرتئون تيء پوشاڪيء پيچ پوري ۾
آهي اُڪير عارفن ڪيء صورت واري ستاري جي

ديدار لاءِ ٿيا ديواناء ڪري عوشاق. اثباتي
لڳل آ ميخ لاهوتين ڪيء ڪجل واري ڪناري جي

راتيو ڏينهان وتن موهياء سهڻي سلطان جي سڪ ۾
طالبن ڪي طلب آهيء اڪين واري اشاري جي

گوهر شاهہ چئي غلامن ڪيء ذڪر آ حُسن وارن ڪي
حقي حُب هاتڪن ڪي آء وري ديدار دوباري جي

•

تلھ: جلالي جوڙ جملي ڪاڻ جنگي جنسار ھي ڪيتا،
جمالي جوت ڪا جلوا جذب جھلڪار ھي ڪيتا.

نظاري نينھن دي نعريءِ ناسوتي نام ناڪاريءِ
نوبت نشانبر نياريءِ ننگي نروار ھي ڪيتا.

صحيح سبحان سر ساراءِ چشم چانڊاڻ ڪاچاراءِ
آدم وچ عشق دا آراءِ عجب اظھار ھي ڪيتا.

روحاني راز وچ راحتءِ جيھي رحمت تيھي زحمتءِ
صفاتي سونھن ڪا ثابتءِ صورت سينگار ھي ڪيتا.

صوفي ڪي سئير ڪان سِھراءِ چندر وانگون چمڪي چھراءِ
گوھر شاھ ڳل وچ گھراءِ عجب گلزا رھي ڪيتا.

•

تلھ: شھنشاھ شوق دي شيشيءِ شاھي شڪار ھي ڪيتا،
شادي شغلات وچ شاملءِ شوريل شمار ھي ڪيتا.

نشانبر نينھن ٽيا نيڙيءِ ڳئي ڪُل ٽوٽ دک جھيڙيءِ
وصل والي وحدت ويڙھيءِ ونحن ويچار ھي ڪيتا.

پي ڪر پريم ڪي پياليءِ جھالر جھومڪ والي جھاليءِ
ويراڳي واٽ وصاليءِ واقف وچار ھي ڪيتا.

طمع والي ساري تسليءِ قاضي ڪي پول ڳئي مسليءِ
وحدت والي ورق وصليءِ ويڙھي وينجھار ھي ڪيتا.

مورت مظھر والي معنيٰءِ گوھر شاھ غلام بن آناءِ
ڏرپت ڪوئي خيال ترانءِ اندر جھپ تال ھي ڪيتا.

•

ٿلهہ: الله نال عاشق، دن ڪاٽ ويندي،
گهن وحدت والي، واٽ ويندي.

ٻَنَ لُنگ لانگوٽي نسنگ ڪرن، ٻال دونهين والي لاٽ ويندي،
مشغول ذڪر وچ رهندي سدا، اُهي دؤر دنيا ڪنون هاٽِ ويندي.

ڪر ترڪ دنيا ڪون، جهلڪ ويکن، گهن گورک والي گهاٽ ويندي،
انهين دؤر دنيا وچ سئير ڪيتي، ڪي راند ڪاهوڙي ڪاٽ ويندي.

صدق ثابوت جنهان داهي، گهن مهر والي چاٽ ويندي،
گوهر شاهہ جنهان ڪون غور نهين، اومهاڙ هادي ڪنون ماٽ ويندي.

•

ٿلهہ: ترڪ دنيا ڪي ڏنو مون، رهنما تنهنجي ڪري،
مزا وساريم نفس جا سڀ، ڪل ڪفا تنهنجي ڪري.

ذڪر ۾ مشغول ٿيڙس روز شب، روحي اندر،
قرب حاصل ٿئي حقاني، يا خدا تنهنجي ڪري.

مست ٿيس محفل اندر مسرور مَنَ مئخانہ ۾،
مئي پي معراج ڳايم، ماهِ لقا تنهنجي ڪري.

گدا گوهر شاهہ در تنهنجي تي، نياز نوڙت ۾ ننگي،
حيرت جو مبڪار ويکيم حزب الله تنهنجي ڪري.

•

ٿلهہ: عشق آهي عجب اسرار، جن تي لٿوءِ پڇو خبر انهن کان،
شاهہ حُسين کيءِ قتل ڪرايائين، نيزي تي نروار،
مير منصور کيءِ سوريءَ چڙهايائين، سر سرمد جو ڪيائين ڌار،
عنايت کي ميدان مارايائين، قاضي برهان کي ڪيائين شڪار،
بلي شاهہ کي بازار نچايائين، ادهم کي ڪيائين، حڪومت کان ڌار،
ڪٿي صنعان کي چٽيو پارايائين، ڪٿي زليخان کي يوسف جي تار،
ڪٿي مجنون کيءِ بر ۾ بيماريائين، ڪٿي سسئي ڪيچ ڪوهيار،
ڪٿي شمع تيءِ پتنگ قرن تاءِ ڪٿي بُلبُل منجهہ گلزار،
گدا گوهر شاهہ غير کان پاسيءِ ڏسي عجب صورت جو سنسار،

●

ٿلهہ: اولا احمد ڪرڪي انسان آياءِ
سهڻي صورت والا سلطان آيا،

جوڳي بن کي آيا جانب جڳ وچ،
چاڪي سوز والا سامان آيا،

محمد، مولئٰ مظهر ذاتي جنهن داءِ
شاهد قرب والا جهندا قرآن آيا،

وچ جهنگل ديءِ رند مارکي نعراءِ
ڪرکي راز ربي رحمان آيا،

غازي گوهر شاهہ ماگ محبت دي وچ،
ڪرکي نينهن والا نشان آيا،

●

تلھہ: عاشق عاليشاناءِ آيا ٿي عُرياناءِ
آدمہ کان اثرات اشاريءِ اوٽ اولي انساناءِ

شاعر شوق شرابيءَ شعليءِ شور هٽي شاهاناءِ
شائق ٿياءِ شمشير شاطر سانءِ شغل ڪري شڪراناءِ

توحيدي تسلات طبل سان ڳائي تار تراناءِ
تارڪ ٿياءِ تڪرار طمع کانءِ طالب ڪٽي سر طعناءِ

ڪيفي ڪيف ڪلال پيياليءِ ڪڍي ٿيا قرباناءِ
قائمہ ڪمائي قرب قديميءِ قالو قول قرآناءِ

محبت جي ميدان منڊل سانءِ مرد اڏي مٿخاناءِ
ماهر ٿيا مستان مَتيءَ تيءِ مير مَچي مرداناءِ

غازي ٿي گفتار گويا ڪنءِ ڇڏي غير گماناءِ
گوهر شاهہءِ گلزار گهمن ٿاءِ گونا گون گياناءِ

•

تلھہ: ڪابل ڪاهيون ڪاميانءِ قرب مان قدمہ ڪڍايانءِ
قول الستيءِ قائمہ قديميءِ قالو قرب ڪمايانءِ

جهلڪي جوت حسن ۾ جلديءِ جيرو جان جلايانءِ
جِهمہ لائي جنسار جامي سان جنگي جوش جاڳايانءِ

بهادريءَ جي بيڪ بندرتيءِ بگل جنگي برسايانءِ
برهہ ڪئي برسات بهاريءِ بالابات بنايانءِ

ورهہ ڪيو وٽڪار ويراڳيءِ واريءِ پيٽ وَسايانءِ
ورد وظيفا ڇڏي وندر ۾ءِ وحدت وک وڌايانءِ

گوهر شاهہ گرنار جوڳي ٿيءِ گانو گن سان ڳايانءِ
گُر مُک جو ڪري ياد گيانوءِ گر جو گيان هلايانءِ

•

ٿلهہ: جيڏيون جانب يار سان، منهنجو لڳو آ نينهن.
وسايم ونڊر ۾، محبت وارا مينهن.
ويندیس ورنديس کين کي، توڙي ڳجن شينهن.
کهنڌي وجان کيچ ڏي، توڙي تپي ڏينهن.
گس سان گوهر شاھہ، واٽون ٿيون ويهہ.

●

ٿلهہ: توڙيو يار وڃين ٿو هزار دليون، ڳالهيون سورن جون ڪنهن سان يار سليون.
جنهن ويل اچي موڪلايو يار مون کان، تنهن ويل ويو سنسار مون کان،
پڇي ڪين پيو ڪمُ ڪار مون کان، ڳوليم ديوانو ٿي سڀ ڳوٺ ڳليون.
رَهہ رات پرين ڪيون رهاڻ مڻام پنهنجي سرداريءَ ڪي سُڃاڻ مڻام
هي سر خدمت ۾ پنهنجي آڻ مڻام ڳاٺي ڳيچ تنهنجا ميندیون مشڪ مليون.
غم ناڪ گوهر شاھہ ڪي يار نہ ڪر، پهريان پيار ڏيئي پوءِ ڏار نہ ڪر،
ڏاڙو دلين سندو دلدار نہ ڪر، مون ڪي مجنني وانگر ويڙهي ويون تہ وليون.

●

تلهہ: آيا عشق اُنمر انسانيءِ جنهن ڪيتي دل مستانيءِ

الله دا نالا هي احمدءِ قرآن آکي دلبر دلبندءِ
مولا واليَ مورت محمد صورت هي سبحانيءِ

عليءِ احمدءِ حسن هڪوئيءِ صورت وچ ساگيا سوئيءِ
هويا آپ الله اهوئي پاڪن پاڪ پيشانيءِ

انا احمد آپ الايسءِ بلاميمي برقعا پايسءِ
رنگ پردي وچ راز رلايسءِ سير ڏٺيا سلطانيءِ

ڪيتي گدائي والي چاليءِ آکي گوهر شاه سواليءِ
پلائي ميڪون پيارل پياليءِ شوق وچون شاهانيءِ

•

تلهہ: محبوب من منهنجو اوهان جي برہ ڪيو بيمار آ.

ڏيان سان ڏاڙو هٽي وئينءِ دامہ زلفن جا وجهيءِ
ديد لائي دل لڳائڻءِ دلبر جو ديدار آ.

لبين لالي مرجان وانگرءِ ڏند موتي مثال جيءِ
رخ تنهنجي ۾ يار جانيءِ حسن جو هبڪار آ.

ڪجل ڪٽاري ڪيف سانءِ موهيو مزگين مامہ ۾ءِ
ابرو جي اعليٰ اشاريءِ چشمہ جو چمڪار آ.

گوهر شاهہ گنگهرو وڇاياءِ بي سِر ٿي بازار ۾ءِ
خلق ساري ۾ خوار مون ڪيءِ نينهن ڪيو نروار آ.

•

تلهہ: جيڏيون منهنجي يار کيۓ ڏجو نياپو،
ماڙهو موهر جا هتيۓ ڏين ڏوراپو،
سک سانگين ساهہ کيۓ جيڏيون جياپو،
منهنجو عمر کوٽ سانۓ کهڙو لاڳاپو،
کندو گوهر شاہ کيت سانۓ مولا ميلاپو.

●

تلهہ: وَهن نيڻ مُٺي جا نماڻا نماڻاۓ اِجهي پينر آيا اباڻا اباڻا،
منهڙا پري ٿيۓ وينا جي اڏي ٿيۓ سرتيون سپيئيۓ سجاڻان سجاڻان،
جهوپڙا جهنگن ۾ اڏي ويا پٽن ۾ پکڙا پٽن ۾ پراڻا پراڻا،
گوهر شاہ چٺي ايندا، وَٺي نال نيندا، چني کين چڏيندا، ماروسي ماماڻا.

●

تلهہ: سکندن کي سِک ۾ سهٺا ٿا سکايوۓ برهہ جي بيمارن کي چوٽا چڪايو
پسي لبن لاليونۓ نيڻين وهن نااليونۓ پہ ٿي کنديس ڳالهيونۓ گهڙي تہ تکايو،
چوان حال کنهن کيۓ سارو معلوم توکيۓ ڏسي محب مون کيۓ چوٽا منهن لِکايو،
گفتو کيم زبانيۓ پسڻ لاءِ پيشانيۓ وجي يار جاني پري تو ڏکاريو،
گوهر شاهہ گذاراۓ کيون اڏي اوتاراۓ کڏهن کونہ پيارا تو من کي مکايو.

●

تلھ: عشق تا ميرا عليءِ وحدت ولايت کا وَلي،

بيچون کا بادلءِ برحال تا بوتي بشرءِ
بارش تئي بازار بر ۾ بهادر بن پلي،

روحي رگڻ والي رقمءِ هئي راز رياضت وچ رحمءِ
رتيا رهبر کي رسمءِ هئي رمز رانجهي نال رلي،

چشماتءِ چيٽک کي چهرءِ چانڊاڻ چهري تا چندرءِ
چؤ طرف چرخي کر چکرءِ چم چال چلت کي چَلي،

گدا گوهر شاھ گام وچءِ سلطان دي سلام وچءِ
غلامان دي غلام وچءِ وَچانداءِ آوندا تلي،

•

تلھ: تنهنجي ذوق خاطرءِ چڏيوسين زمانوءِ
کري شوق اعليٰءِ شتابي شاهانو،

ڏسون تا ڏهاڙيءِ تنهنجو حُسن هاديءِ
رکي ٰخيال خوبان يکايک يگانو،

تنهنجي عشق آٿيءِ ظاهر کيو ذري ۾ءِ
پتنگ جيان پياسيءِ پچي جيئن پروانو،

ساقي آهين سهڻاءِ عوشاقن جو اعليٰءِ
پياري ماڻ مَئي جوءِ کيو ٿو مستانو،

احدئون پاڻ آيوءِ احمَد جي ٿي اوليءِ
لهي ويو لحظي ۾ گوهر شاھ گُمانو،

•

تلهہ: جلوا کر جنسارہ سئنيان! گلهہ جوڳي جادو مارڳيا هئيہ

هير کيتيہ مينون شوق شهر وچہ مل ڳيا منثارہ سئنيان!
برهہ بچاہ بازار ڳيا هئي،

صورت سهڻاہ ست گرُساميہ وال جهنڊي گهنڊيدارہ سئنيان!
عو شاقان نونہ اجار ڳيا هئي،

مشتاقان نون نال نظرديہ جگ وچ جانب يارہ سئنيان!
مار چشمہ تلوار ڳيا هئي،

غازي گوهر شاهہ عشق دا عاملہ گلشن وچ گلزارہ سئنيان!
عاشق تيہ اظهار ڳيا هئي،

•

تلهہ: اُٺي ويراڳي ووڙہ سار سمهڻ جي چڻ وساري،

پي پيالو پرت پريميہ پرجهي پير پروڙہ
پسڻ واري پيچہ پَناري،

وحدت کثرت ۾ پَٽ تون کاهيہ چڙي کپت کوڙہ
کڻ قلندر قدم کراري،

کيڻ ڏمالہ درد جي دمہ دم دلبر دلِ ۾ دوڙہ
حال ڏاڍا حق جا ڏاري،

مٿ ميدان گوهر شاهہ غازيہ پڙي محبت موڙہ
آيا ميم مناري،

•

تلهہ: پڙگهنت کيڙيمر پاٺ پسڻ لاءِ پُستک پوٿيون جوڙي پُران.

گرو نانک ٿي گنگا جمناءِ کيمر صاف سنان.
گرو انگت نامر ڏرايمءِ امرداس ڪٿي عُريان.
رامر داس کوٺايمر کاٽيءِ آيس ارجن ٿي انسان.
سچ سري هر راءِ سڏايمءِ تيغ بهادر ترنمر تان.
اوهنگ سوهنگ ٻساگيو سوئيءِ صورت جو سلطان.
گر گوهر شاهہ گوبند سڏائيءِ گُر کرشن ٿيءِ کيمر گيان.

●

تلهہ: گر نانک پري گامءِ آنند لاءِ اچي هت اظهار ٿيو.

وِشنو وير ولايت واروءِ آهي نرنانءُ نامءِ
دئارکا جي وڃي دربار ٿيو.
گونمر پُٽ وڃي غار ۾ رهيوءِ چڏي دنيا جا دامءِ
بندگي ڏڻيءَ جي ۾ باغ بهار ٿيو.
پگت کبير پچن جي چاليءِ روحَ ۾ جهٽيو رامءِ
ناهہ کان نکري وڃي نروار ٿيو.
گوهرشاهہ چيئي گنگا جَمناءِ ساڌو کن سلامءِ
تيرٿ رحقاني وڃي هر دُوار ٿيو.

●

## سَسَئي

ٿلھ: ڪندو پاڻ پنهل پرويشي، دل جا حال ٿيا درويشي.

ڏينهن سچوئي ڏونگر ڏوريان، سور عجيبن جا ٿي اوريان،
آفتاب لٿو پئي پيشي.

ڪاڻ سڄڻ جي سانگياڻي ٿي، جهاڳيان جبل ڪي جوڳياڻي ٿي،
ٽاڪيان ٽڪر ڪنيو هٿ تيشي.

هوت ونئي ويا ڏيرن جا ڪئي، ڏوھ ڪيائون رات وچن ڏئي،
آڏيءَ نيٺر پچي ويا نيشي.

گوهر شاھ چئي گس ونئي آءٌ پيس پنهل جي پاڻ پُنئي آءٌ
ريءَ هوت بنام پيا شيشي.

•

ٿلھ: جن ڏٺا تنهنجا عين ”سُهٽا سائين“
سي ٿيا سيلاني

ڪولي ناز نقاب جو نٽڪوءِ ڪٽي نهاريو نين ”سهٽا سائين“
سي ٿيا سيلاني

سوز وارا سور تنهنجي ۾ دانهون ڪن دن رين ”سهٽا سائين“
سي ٿيا سيلاني

ڳليءَ ڳليءَ ۾ دائم در تيءِ هٽن هر هر سٽين ”سهٽا سائين“
سي ٿيا سيلاني

گوهر شاھ گلزار سان واسيوءِ برھ بندر بحرٽين ”سهٽا سائين“
سي ٿيا سيلاني

•

تلھہ: اوجاڳو اکين کي پنھل پاڻ ڏنو،
ھوت ھاڙھي ۾ ھيٺيءَ جوءِ ڇا کان سنگ ڇنو،
سسئي قري پئي سُج ۾ کنيون عشق گنو،
ڏسي ڏيل ڏونگر جام سارو لوک ڊِنو،
گوھر شاھہ چئي گسَ ۾ پيادل کي پُنو،

•

تلھہ دلدار دل جي شوق، منھنجو حال ھيٺو تي ويو،
اوھان ڪاتي پنھل ڏنوڙي، ڏس مون کي جيڻيون ڏيو،
ڪانہ سري منھنجي سڄڻ ريءَ، ڏونگر ڏورڻ مون پيو،
لُوھُون لالڻ ڪاڻ ڏيندي، پانيان لکن ۾ آئون ليو،
سپ سُڪڙا آئون وساريان، سوز سيني ۾ اچي تيو،
جت ڪري ويا ڇاڙ مون سان، جن ننڊ مؤن منھنجو پنھل نيو،
ڏيو مون کي پتوڙي، اوھان سدا جيڻيون جيو،
آھن ھوت ڪيچي گھٽام مٽ نہ پنھل جو پيو،
غم ۾ گھاريان ۽ گذاريان، گوھر شاھ گفتو ڪيو،

•

ٿلھ: وڃان ڪيچ شهر ڏي ڪاهيو ٿيءِ وٽان لڪ لڪ تي اڏيون لڙندي آئون.
پيئڙم پور پنهل جوءِ وٽان روه جبل ۾ رڙندي آئون.
ٻَڌي سڪ مؤن سندروءِ وٽان پنهل جو پڇندي آئون.
ڪاڻ ڪوهيارل جي وٽانڻ فڪر انهيءَ ۾ ڦرندي آئون.
گوهر شاھ چئي گسن ۾ وٽان پرت سبق پڙهندي آئون.

•

ٿلھ: جيڏيون جانب پنهنجوءِ پڇندي وٽان مان، لُڇندي وٽان مان.
ڪيچي ويو ڪوهياروءِ چني سنگتَ مي ساروءِ سبق سُورن وارو پڙهندي وٽان مان.
چانگو ويو چوريءَ ۾ ڪسي دل زوريءَ ۾ جانب جي جهوريءَ ۾ جهڄندي وٽان مان.
ويو سُور ڏيئي، ڪَلَ ڪانہ پيئي، گذريا سال ڪيئي سڪندي وٽان مان.
گوهر شاھ غمن ۾ رُلان پٽي رُڃن ۾ سڄڻ لاءِ سُڄن ۾ سڙندي وٽان مان.

•

ٿلھ: ورڪيچ شهر جا ڪوهيارل ميان، ڏکي ڏيل منهنجو ڏسيو ڏونگر ڪي
وٽان رڙندي رَندن ۾ ڪنيو غم برھ جي گوندر ڪي.
توڏا تڙي ويا تڪر مؤن، ڪيون هوت هوشياري هونگر ڪي.
وڃي پهتا ڪيچ ڪيءِ جت ڳائيندا جُهونگر ڪي.
ڪيچ گوهر شاھ وَسَ ٿيءِ ساري ساھ چڙن جي چونگر ڪي.

•

تلہ: شهر ڀنڀور ۾ منهنجو ڇاهي،
عشق لڳو آريءَ جو آهي.

برھ ٻاريون آهن، جنهن کي ٻاهيون،
ڪيچ ويندي، اُها مُٺي ڪاهي.

ڪين ڇڏيندس، پير پنهل جو،
ڏس ڏنو آهي، مون کي ڏاهي.

ڀيچ پيو، جنهن جو پنهل سان،
اُها لاڳاپا سڀ لاهي.

ڳِلاٿون گوهر شاهہ ڪنيون سِرَ تي،
سندرو سِڪ مٿون پڌم ساهي.

●

تلہ: خان ٻاروچا خيال تنهنجي ۾،
ڏونگر ڏولي آءُ تي پانيان.

سڪ سڄڻ تنهنجي، سڪ ڦٽايو،
پرچي پنهل توسان نينهن نڀايان.

ڪجانءِ ڪوهيارا، مِهر ملڻ جي،
ٻانهي ٻاروچا تنهنجي آهيان.

سُڪَ ڀنڀور جا سيوئي ڇڏيم،
پير پٿر ۾ تولاءِ پانيان.

ڳِلا گوهر شاهہ لوڪ ساري جي،
سيئي سر تي چُميون چانيان.

●

ٿلهہ: چنني نہ چڱجوءِ چوري ويچاريءِ، خان ٻاروچاءِ ڪجو پوءِ واري،
آهي ڪنيزڪ هيءَ ڪميٽيءِ ڪچ ڪا سهڻا پنهن جي ستاري،
پاند پايو ڪيان پڪارونءِ، در دلبر جي منهن جي زاري،
سنگ سجاڻي مهر ڪجو ڳاءِ هيءَ جا ڏوہڻ آهي ڏاري،
گوهر شاهہ چئي گڏجو ڪيچيءِ، ننگ اوهان جو آهي آري،

●

ٿلهہ: آريءَ جي افسوس جوءِ مون کي روز ماتام ڙي،
هاڃي منجهہ هٽي ويوءِ مون کي پنهل چام ڙي،
ڏئي ويا سور سڄڻ جوءِ ڦٽي وِيو آرام ڙي،
دل تي پُور پنهل جاءِ ولين جيئن ورِيام ڙي،
هلي گوهز شاهہ گس سانءِ ڪنيو لوڪ مَلام ڙي،

●

ٿلهہ: پينر شهر پنيور ڪؤنءِ آهي دل آزاد ڙي،
ٻاروچل جي ٻاجهہ جونءِ آهن ڳالهيون يادڙي،
ڏيئي ويا ڏونگر ۾ءِ پنهنجو عشق امداد ڙي،
سڄڻ ريءَ سڀ سرتيونءِ باغيچا برباد ڙي،
گهاريان تي گوهر شاهہ غم ۾ءِ ڳچيءَ پايون پاند ڙي،

●

تلهہ: ايندا نيٺ اباڻا پيئرء پاڏهي ڪوٽ پُچائيء
آسون پير پچائي.

هاڻي آجايو هت الا! ويهڻ مون وِهہُ آهيء
ماڙيچن جي مون کي جيڏيون ڏنو آ طلب تپائيء
آسون پير پچائي.

مارو مال وَلر کيو وٽ ھِءِ اچن لهورتي ڪاهيء
تر اُنو تڏڪار لڳيء چونگار چڙن جي چاهي.
آسون پير پچائي.

ڪري وٿاڻ ويهن ويڙهيچاءِ پٽ تي پاڻ بناٿيء
بادل ڪيڙي پيچ بهاريء قربئون ڪکر وَسائي.
آسون پير پچائي.

سانوڻ جون لڳيون مينگهہ ملاريونء موج ملير مچائيء
گوهر شاھ ڪئين گاهہ ڦتاءِ بينا لنب لُلرَ لالي لائي.
آسون پير پچائي.

●

تلهہ: عمر ڪر نہ اهڙاءِ ڏنارن سان ڏاڙاءِ ڏسان شل اکين سان ويڙهيچن جا واڙا.
عمر ڪوٽ تنهنجوء مَرڪي مستيءَ سانء ٿرن جي ٿُمن ڪان ڀڪرار ڀاڙا.
بادل پٽن تي ڪن پيا برساتونء لڳو واءُ اُني جو تنوارن پيا تاڙا.
جن سان گذاريم زندگي زمانوء وسرن ڪين مون ڪان پنهوارن جا پاڙا.
گوهر شاھ گاهن ھِءِ چڙن جون چونگارونء ڪاٿن ڪاج مارو نانگيليون ۽ ناڙا.

●

تلهہ: نيڻ وهن منهنجا نسنگ نماڻام الله ڪندو ايندا اڳڻ اباڻا.

ماڙيچن جي جهوريءَ ۾ جهجهان ٿيءِ ساريو سڳر ڪي حال ۾ هجان ٿيءِ
راتيون ڏينهان پئي رئان ٿيءِ شل وسن تن جا پيڻن تي پاڻا.

ماڙيچن لاءِ آهيان ماندي ڪهُ پيون ڪٿون تنهنجا چٽيل چانديءِ
امر لڪئي آ هتڙي آنديءِ انهن جا اندر ۾ اچن اوراڻا.

سوين سچڻ مونکي سورڙا ڏئي وياءِ دل ۾ دره جا دونهڙا دکي وياءِ
پلئہ پرئين جا پورڙا اچي پياءِ ساريو ساهہ سڪي منهنجو ڏسان پکڙا پراڻا.

گوهر شاهہ چئي آهيان گهوريءِ اتم انهن جيءَ جيءَ ۾ جهوريءِ
ڏينهان راتيان هوري توريءِ سور سانگين جا ساهہ سيباڻا.

•

تلهہ: دلڙي درد ڦٽي ڦٽيءِ سُهڻن سانگيئڙن جيءِ
جيئري مِئين ۾ وڏيڪ جندڙي جوشن جَهٽي جَهٽي.

دل تي راتيون ڏينهنءِ اُنا محبت مينهنءِ
لڳو ڪيت سان نينهنءِ هيس آءُ چٽي چٽي.

اولا ڏيئي ڍاهرءِ جوڙي وينا گهرءِ
مارن سان موهرءِ پيتم جهڻ تي ڪٽي ڪٽي.

جڙي ويهَن جڪيءِ حب مان خان حقيءِ
جنهن جي پرت پڪيءِ اها ڪان هٽي هٽي.

گوهر شاهہ گلزارءِ بيحد باغ بهارءِ
ويڙهين ۾ ولهارءِ ورهہ وٺي وٺي.

•

تلهہ: منهن جو ملڪ مليرۂ مارن ريءَ هت ڪيئن گهنگهر گهاريان،

لنبۂ للرۂ ۽ ريپڙ رانهان، پڪا پيرون، پنيرۂ چاهہ مٺون مال ڪي چيڙ چاريان،

سنگهارن لائي ساهہ سڪي توۂ اتمر آس اڪيرۂ ويڙهيچن ڪي ڪين وساريان،

ڪٽي آيو فريب سان ڪوهہ تان، فالمر ڦوگهہ وزيرۂ نيڻ ڪنيو مارو نهاريان،

گدا گوهر شاهہ گيدوڙا ڏيهي، آهن سپ اڪسيرۂ جن سان ويٺي جيءُ جياريان،

•

تلهہ: ملان آئون وڃي موهر ۾ ويڙهيچن ۽ ولهارن سان،
پيان پسيون پٽن تيءِ پرتئون پرچي پنهوارن سان،

ڪٿي ڳل ڪيت جي پائيءِ چوندس حال جيڏين ڪيءِ
وڃي ڪائيندس آئون ويڙهن ۾ سگر ساوا سنگهارن سان،

چارن ڏٺ روز شب ماروۂ پٽن جي ڪير سان ڪاهيوۂ
رهاٺيون دن رين ڪن ساريءِ گاهن گل ڦل گلزارن سان،

وٺي مون ڪي ڪينڪي واڇوۂ ڏمرن ۽ شرنائين جوۂ
ريجهي منهنجو روح آوئڙو چڙن چنگ جي چونگارن سان،

آهي سدا آسرو اهوۂ ڪندا مارو مونکي پنهنجوۂ
گوهر شاهہ چئي گذاريندس ڏوئي لوئي ڏنارن سان،

•

تلهہ: ا تمر آس اکيرہ ونهين ويڙهيچن جي،
ٻُجهي پڪارہ تنوارہ تڙ تيءِ مٺي ملک مليرہ
ٻولي ٻکرارن جي،
پرين منهنجا پٽن تيءِ پين پاڪ پنيرہ
ٻي پياس اتن پيرن جي،
اصل روز ازل کئون، سرتيون منجهہ سريرہ
سک اتمر سانگين جي،
گوهرشاهہ چئي گسن تيءِ لائي موج عنبيرہ
گهري گلزارن جي،

•

تلهہ: عمر اسان جي اجهورہ ملک موهر ۾ مال سان مرکي،
ڪري ميل محبت جا موهرہ شوق مچائي شورہ
پُسيون پٽ تي پيون سَٽ سُرکي،
هر هک پنهنجي حيرت اندرہ زينت پريو زورہ
موهر مارن جو جهوپو جرکي،
صبوح جي ويلي سوز منجهارؤن ڪير انهن جي اورہ
ڦوڳ پٽن تي ڦولر سان ڦرکي،
گل گوهر شاهہ گاهن جهلياءِ لاتيون کن پکي مورہ
وچون وسايون گوڙ جي گهرکي،

•

تلھ: آھي مونکي ارمان وي! عمر ماڙين مٿون آءُ چا چاڻان.

موٺائي مُڇ، مليرملک ڏيءِ سام ھي سلطان وي!
وڃي پسان آئون پکا پراڻا.

بنگلا بلوري باغ باغيچا، کين وڻن ھي ٿان وي!
ملک موھر جا مونکي سير سيباڻا.

کٽڻ، کوٽکم واھا، وليون، اسان لاءِ عاليشان وي!
عمر عطر تنھن جا عيبن ھاڻا.

پُسين، پيرن ۾ مُنگـَمِ موٺن تي منھنجو گوھر شاھ گذران وي!
مارو موھر جا سيٺي تي سڃاڻا.

•

تلھ: سُپني ۾ رات سيپٺي، سنگھار مون ڏٺا ھٺا،
پيٺندي پُسيون پٽن تي پنھوار مون ڏٺا ھٺا.

ملير ۾ سگر سٽيندي، ڏونرن ڏويون ونڊيندي ويڙھيچا وطن ۾
ولھار مون ڏٺا ھٺا.

ونڊيو ڏين ويڙھيچا، ڏونرن سنڌيون کي ڏويون، ڏٺندي تڙن تي لويون،
ڏنار مون ڏٺا ھٺا.

کنپيون کايو کاھڙ ۾ پڳتيون لاٺن سي پاگيا، جھوپن ۾ جھانگيٺڙن جا
جنسار مون ڏٺا ھٺا.

مون کي جيڏيون موھر جو، پورو پتو پيو آ، گاھن جا گوھر شاه چٺي،
ھيڪار مون ڏٺا ھٺا.

•

تلھ: اديون نيٺ ايندا، اڱڻ مون اباڻا،
آھن ياد مون کي سي سانگي سياڻا.

ايندا مير مارو موھر جا مدامي،
ڪلي آئون خوشيءَ مؤن وڃائيندس وڇاڻا.

ويٺي ڪانگ اڏاريان، سدائين وٺن تان،
پڪي ايندا پيھي پرين سي پَڇاڻان.

ڏسان روز راھون، ڪنيو نيڻ نھاريان،
آھن منھنجي دل جا مارن سان ڪي داڻا.

ڳڻيا گوھر شاھہ ويڙھي ۾ ويڙھيچا،
مھر جا موھر تي مينھن ڪيا ماندِاڻا.

•

تلھ: سُٺي سِپني ۾، ملڪ موھر ڏٺم، لاٺي، لنب، للر، ترين توھر ڏٺم.

اُٺا مينھن ملير تي موج لڳي، ڦٽا ڳم، ڳنڊيرو ڳنا اوڄ لڳي،
ٿيا سانوڙا ساوڙا سبزي لڳي، ڪبڙ ڪرڙ ڪنڊا، چاريون چڱر ڏٺم.

وسن روز بادل، لڳيون ملھارون، کُلي ميراتر ٿيون ٿڏڪارون،
ڪيو ويس کُنبا لُڏن ليارون، ڪٽڻ، ڪانھ ڪارا ساوا سر ڏٺم.

ڪاٺن ڪاچ اباڻا ويڙھين ۾ ويھون، چارن مال ماروئڙا پٽن تي بيھيون،
اڏي ويھين ويڙھيچا پٽن تي پيھيون، مٺان واڙن جي، ڊاھر ڍنگھر ڏٺم.

ٿين ڳڻ گوھر شاہ ڪوٺن تي، ويھن مارو پٽن جي پوٺن تي،
چارن مال ڳاھن جي ڪوڇن تي، وڳر ويڙھيچن جا ولر ڏٺم.

•

تلهہ: ياد پيا پنهوارہ وسري وياءِ پيا سڀ ڪمہ ڪاريون،

درد لڳو آ دل سان، ويٺي ڪريان ويچارہ
سڪ منجهاروئن سانگي ساريون،
نت نهاريان راهہ سان ويڙهيچا ولهارہ
قرب منجهاروئن ڪانگ اڏاريون،
پٽن تي پنهوارن جي چڙن لائي چونگارہ
اچن اجهور تي مارو مال چاريون،
گوهر شاهہ چئي غمہ وياءِ ڪيت مليو منٺارہ
بوندہ اُٺي لڳيون بيحد بهاريون،

•

تلهہ: آياسي تہ سانگي، پٽن تي پيار سان،
ڪاهي مال مارو چڙن جي چونگار سان،

سانگي سير وارا سچا تي صبر ۾، اڏي ويهن پيهيون ٽرن جي ٽوهر ۾،
ماڙيچا موهر ۾، مينهن جي ملهار سان،

ڪائن سڱر سُين جيان سيڪي، سرتيون سهيليون جيڏيون جيڪي،
پين پوچ پُسيون، ونڊي ويچار سان،

پڪيون آمن پٽن تي، ڏوئنرن لال تاريون، ڪائن ڪاچ مارو لامن ڪي تہ لاڙيون،
صحبت سچائي واري سڪ سينگار سان،

گوهر شاهہ گسن تي، ڦوڳن جون ڦلهارون، وسڻ جون وطن تي مينهن ڪيون ملهارون،
مليو ڪيت خوشيون ٿيون هن گلزار سان،

•

تلهہ: پٽائي تون رک پَرمہ ڏينديئن لڄ شرمہ
ڍکي وٺ ڍوليام منهنجو لڄ شرمہ
ڏکن کيو آهي ڏوڙوہ آهيان تنهنجو ووڙوہ
کنديئن کين کُوڙوہ کٽي آءُ قدمہ پٽائي تون رک پرمہ
پٽين بوءِ بهاريون، سُرهيون تنهنجون ساريون،
گلڙن جون گلزاريون، اتٿي باغ ارمہ پٽائي تون رک پرمہ
گوهر شاهہ کري کُوکارون، سهٽا سٽجان تن جون تنواورن،
توکي کيٹن وساريون، کر کو پنهنجو کرمہ پٽائي رک پرمہ

•

تلهہ: اڄ روح منهنجي جو رايو آ مِلان ماڙ وجي مارن سان،
هاءِ هاءِ مِلان مارن سان
کري بيٺا رنگ نرالا، اِکڙيہ آک موهر جا آلا،
سگّرن سوز مچايو آ
نيٺ عمر تنهنجو کوٽ ويراني، پن ڏينهن جي آ مهماني،
سنجهہ صبوح سعيو آ
عمر عدالت مؤن نہ تون چاڻين، کيت کاهڙ جو ٿيندو ساٿي،
مون نينهن جنهين سان لايو آ
مير عمر اداء مارو ايندا، غم گوهر شاہ سيٺي ويندا،
مون پولي پول پڌايو آ

•

ٿلهہ: مون کي ملڪ موهر جي معنيٰ، آڻي ڪوٽ عمر ڏيڪاريو.
هٿ هٿ آڻي ڪوٽ عمر ڏيڪاريو.

نت هُيس اتي سُکي سانگين سان، پوڄ پيتم تي ملي مارن سان،
اهي شربت هٿا شاهانا.

مڪت متو اڇي ڪٽڪ داٺي مؤن، نڪري آيس ٿاڪ ٿاٺي مؤن،
اڇي سٺم سانگين لاءِ طعنا.

نيٺ وري ويندِيس موهر موٽي، ڪري مٿي تي لاک چپوٽي،
ڏسي تانَ تماشا گانا.

گام گهمنديس وڃي گهيٽن سان، ڪنڊيون ڪوڪڙ جون پائيندس پيڪن سان،
وٺن ڪين عمر ٽنهنجا ڳانا.

مَنهہ مارن جا موهرِ مرڪن، گاهہ گوهر شاهہ چال سي جرڪن،
وسن مارڻيچن مٺخانا.

•

ٿلهہ: ويڙهيچا ولهار وي ميان، ڪيئن وِساريان ڏوٿي ڏاڏاٺان.
مَچي ماڳ ملير ملڪ تي، سڪيا وسن سنگهار وي ميان،
اڏي پٽن تي پکا پراٺان.
شرابا طهورا، شوقئون شيشا، پوڄ پيئن پنهوار وي ميان،
سونهن تن جا، ويڙهيون وٿاٺان.
پوياڙيءَ جو، اجهور پٽن تي، چڙن جي چونگار وي ميان،
وسن پٽن تي، ياڳين جا پاٺان.
گاهن جي تي، ملڪ موهر تي، گوهر شاهہ گلزار وي ميان،
گهمن گسن تي اديون اباٺان.

•

ٿلهہ: سهڻيءَ کي سورہ پرين جو پورہ چشم چڪچورہ ڪيو چاهيہ
منجهارئون، حب، هلي طالب، لاڳاپا سڀ سُٽي لاهيہ

گهڙي درياهہ اندر اوڙاهہ لاهي سر ساهہ جو سانگوہ
جنهين سنيارہ پرين پچارہ تنهن کي تار تيو تانگهوہ
منجهؤن اوسات، آئي منجهہ گهات، لنگهي لڙ لاٽ جو لانگهوہ
ملي ميهارہ ڪيس ڪيڪارہ سهڻي سدبار خوش آهيہ

لهريون لس ليٽ، چڪڻ چپيٽ، ٻوڙي تو ٻيٽ ڪيئن پاٽيہ
اولڙ اسرارہ اٿن ٻيهارہ پسي ڪڙڪارہ خود ڪاٽيہ
سهڻي سٽيرہ دانهہ دلگيرہ ڏرياهہ جي سير ڪٽي ساٽيہ
مليس مهوال، بحر برحال، حسن ڪمال ٻيو چاهيہ

سپئي ساري، ٿرت تاري، منجهُون چاري، ڀڳڻ ٻيليہ
جرڪن جايون، صحن سايون، ٻرن باهيون صبح ويليہ
لهر اندرہ بحر بندرہ موليٰ ميهر مون کي ميليہ
چڙيم جشن، ڏنم حُسن، ڪٽيندي ڪُن، وجي ڪاهيہ

دائم دن رين، قائم ڪونين، عجائب عين جو آروہ
گوهر شاهہ گرہ مليو منورہ ساهڙ سرور سوپاروہ
کُليو چمڪارہ عجب اظهارہ ٿيو گلزار جَر گهاروہ
رهايو رَسُ، چڙيو حوس، ڏنو آ ڏس اهو ڏاهيہ

●

ٿلهہ: من موهيو تنهنجي سازء اجان نہ مڙين مڱٿا،

تند وڄائي چنگ جيء، ڪيئي عجب آوازء
ساز نہ آهن سلٿا،

تار طلب تنوار سانء، برهہ اڏايو بازء
آهن ڪي رنگ رنگٿا،

جيڪي گهُريئي سوئي مليئيء دوهرو دان درازء
پوشاڪي پنڌا،

گر گوهر شاهہ راجا جهڙاء رکن نينهن نيازء
وحدت ڏي جي ورٿا،

•

ٿلهہ: موهيو تنهنجي تندَء بدن بهاري ٿي،

سوز جي سامان سانء، ڇُريو چنگ جو بندء
مذمر سان ملاري ٿي،

سُٺي واڄو چنگ جو ، جاڳي پيڙي جندء
گگن ۾ گلزاري ٿي،

سورهہ سر ميدان ۾ بٺجي بيٺو رندء
حسن واري هسواري ٿي،

گوهر شاهہ گلزار ۾ چشمن واري چندء
هر جاءِ چمڪاري ٿي،

•

تلهہ: ويو وڃي چنگ تنبورہ جهوري جهونا ڳڙهہ کي،

پيچل کي ٻي رات جوءِ موج ڪيو مسرورہ
ملهائي بينو پڙ کي،

راجا راءِ ڏياچ جو من ڪيو وهلورہ
چڏيائين پنجين اڙ کي،

قرب حاصل ٿيو حق کان دُئي ٿي ويئي دورہ
محبت جني ڏني جهڙ کي،

غازي گوهر شاهہ کي مرد ٿيا مخمورہ
معنيٰ سان ماري چڙ کي،

•

تلهہ: سوڍا تنهنجي سوز ۾ پياوٽ ڦري،
ساوا وٽ سپيئي ٿيام بلبل نظر ڏري،
لونگ لکين ڦوٽا ڦريا ليار جيان لڙي،
ڪاک ڪڪوريا گلڙا وس ٿي وري،
گوهر شاهہ چئي گل ٿيام ڍٽ کي ڍري،

•

تلهہ: مومل روئي ماڙين ۾ سوڍل کي ساري،
مينڌرو پنهنجي ميي کيءِ چندن ويو چاري،
راڻل جي رهاڻ جوءِ ڳاراٺو ڳاري،
سوڍل ويو سرتيون مومل کي ماري،
ڪانڌ بنا ڪاک ۾ ڪيئن گوهر شاهہ گهاري،

•

تلهه: راضي تي راڻل تون مون ۾ عيب گهڻان،
جوڳياڻي تي آيس جاني، توکي شال وڻان،
ڏنا جوڳين ڏاج ۾، قرب جا تہ ڪڻان،
سوڍا تنهن جي سوز جاءِ وينئي ڳرڻ ڳڻان،
گوهر شاهه چئي گام ۾، تنهنجا سِڻ سڻان،

•

تلهه: جيڏيون مون کي جلدي ڏيو،
راڻل ريجهائيءِ پيارل پرچائي،
سوڍو آيو سيج تي ڪرهل ڪڏائي،
سمجهي سيتل راءِ کي ويو واڳون ورائي،
ڪَسِري ويو ڪاڪ تؤن چاڪئون الائي،
موتي نہ آيو ماڳ تي، ويو مومل منجهائي،
مومل سور سوڍي جاءِ کنهنکي سڻائي،
وڻ ڪکوريل ڪاڪ جاءِ ويو قريل قڻائي،
سوڍو پنهنجي ملک تي، سوڍيون سڏائي،
گُجر گوهر شاهه چوي وينئي واجهائي،

•

تلھ: عشق آ ظالم منا، ننگ نہ کو نادان کيءِ
جام محبت جو پياريءِ مست کري سلطان کيءِ.

مجنون مثل مُلک ۾ مست ٿيو مورت ڏسيءِ
انھيءَ منزل تي پھچايو، آ عشق کٺي انسان کيءِ.

عالم ھو اعليٰ علم جو، صاحب شريعت جو ڏٺيءِ
سُوريون چارياٺين صحن ۾، سِک کٺي صنعان کيءِ.

فرھاد ڏونگر ڏاريا ٿيءِ شيرين واري شوق ۾،
ڊکاڻ کان ڊکاڻکي ويٺيءِ ڳولي پيو گل جان کيءِ.

گوھر شاھ غازي گلا کان، کين ڊچن سنسار ۾،
چا کندي خواري خلق جيءِ عشق جي عريان کيءِ.

•

تلھ: ميان قاصد! محبوبن کيءِ ملڻ واري اٿن يا نہ،
کياٺون کا، تو سان گويا، گڏجڻ واري اٿن يا نہ.

ادا قاصد عجيبن جيءِ خبر کر ذوق ذاتيءَ جيءِ
رھيا ويھي چڏي چا کٺون، ڳنڍڻ واري اٿن يا نہ.

ڳجھي کر ڳالھ تون مون سان، محبوبن جي ملڻ واريءِ
ايندا کي جوءِ تي جانيءِ ورڻ واري اٿن يا نہ.

ايندا سھٹا اڱڻ منھنجيءِ گھوري سرڙو گھمائيندس،
پَسائي رُخ مون کي ويندا، رھڻ واري اٿن يا نہ.

گوھر شاھ چئي غريبن جو، کجانءِ وجي عرض سھٹن کيءِ
سدائين ماڻي ۾ رھندا، پرچڻ واري اٿن يا نہ.

•

ٽلهہ: بيوفا آهي دنيا فاني،
گهڙيءَ جو چٽڪو جوين جواني.

ڪٿهن سڪندر، تخت جا صاحب،
ڪٿهن وڃي ٿيا خاڪ مڪاني.

ڪٿهن ڳاڙها گهوٽ دنيا ۾،
ڪٿهن مقامي مڙهہ ڏرياني.

ڪل من عليها فاني،
قائم آهي قول قرآني.

هيءَ گذر جو مڪان گوهر شاهہ،
هتئون ويا ڪيئيءَ للنگهہ لاثاني.

●

ٽلهہ: سچڻ سانگ ويڙا، الله تن ڪي آٽي،
ڪيان پٺي ڪوڪارون، عمر ڪوٽ هاٽي.

سدا سچ سومري ڪيءِ چٽو آءُ چونديس،
موهر ۾ مارن جوءِ هلي ڪو ملڪ ماٽي.

نڪي انگ لڪيل هوءِ نڪي دل لڳي هٽيءِ،
نيت ڪيت سان آءِ خدا پاڪ ڄاٽي.

عمر ڪاڄ تنهنجا، مون ڪي ڪين وٽن ٿاءِ
منهنجو من موهيو آءِ للڙ لنب لاٽي.

گيدوڙا گوهر شاهہ، ڪائيندِيس ٿرن ۾،
ڪاهڙ ۾ پڪن ۽ پيرن لاءِ پيوتن تاٽي.

●

# ڪافي روپ ڪلياڻ

ٿلهہ: آيا عشق ميدان ۾ عاشق ٿي، ڪري ترڪ طمع تارڪ ٿي،

هٽي نعرو انالحق جوءِ پچي پيولو شائق شڪ جوءِ
چڙهيا سوريءَ تي سالڪ ٿي،

ڪُڏي ڪربل ناڙ نياراءِ هٽي نعرا نينهن نظاراءِ
مام ملائي مالڪ ٿي،

چڏي حد مِلت ڪي ڍاهي، پيا قصور ۾ ڪاپڙي ڪاهي،
لنگهي لاحد ڪؤن لاشڪ ٿي،

پرت وارو پيالو پُرپي، گوهر شاهہ چئي پاڪ پنجتن جي،
حب رکي آيا هاتڪ ٿي،

●

ٿلهہ: رات نياپا نيهن، مڪا اسان ڏي مهر مئون،

محبت وارا ڪين مُڙن تاءِ توڙي گجن پيا شينهن،

اکر پڙهي پس الف جو ورق وسارج ويهہ،

سڪ وارا وڃن سيلاني، توڙي تپن ڪٽي ڏينهن،

غازي گوهر شاهہ وسائياءِ محبت وارا مينهن،

●

# ڪافي سر بلاول ۽ تلنگ

ٿلهہ: عشق آدم خور ٿَهارِ جن تي لٿو پڇو خبر انهن ڪان،
شاهہ حسين قتل ڪيائين، نيزي تي نروار،
مير منصور کي سوري ءَ چاڙهيائين، سِر سرمند جو ڪيائين ڌار،
عنايت ميدان مارياائين، کُهي برهان کي ڪيائين شڪار،
اڪليداس کي تعذير ڏنائين بُلي شاه کي نچاياائين بازار،
ڪٿي يوسف ڪنعان وڪيائين، ڪٿي زليخان مصر بيمار،
ڪٿي فرهاد کان جبل ٽاڪاياائين، ڪٿي ڪناٿين عاشق عطار،
ڪٿي سيفل کي سمنڊ لوڙهيائين، ڪٿي صنعان کي پارياائين زنار،
ڪٿي مجني کي رڻ ۾ رُلاياائين ڪٿي قاسم کي هنياائين ترار،
ڪٿي سورٺ کي سور ڏنائين، ڪٿي سسئي کي نياائين وڏڪار،
ڪٿي سهڻي درياءَ ٻوڙياائين ڪٿي مومل کي ڪيائين ڦيريدار،
مَنجَهؤن مهر گگن گوهر شاهہ عشق ڪيو اظهار.

●

تلهہ: چوٿو ثابوت آ جن جوء پيلي دم هٽن سي درويشي،

منافقن کي نصيب نہ آهيء رستو حق جو رنداني،
سچو ڏينهن کروڙ کندي گھر ۾ ٿئي وئي اٿن پيشي،

نفس ناقص نا اهل آهيء توکي رستو نہ ڏيکاري،
انهيءَ لاءِ ڪٽج ٿاهي لوه جي وڏي تيشي،

گوهر شاه غير نہ آهيء جن کي سمٺو آ سير انهيءَ جوء
ڪنواٿن کي ڪندا ڇا پوءِ اٿ ناقص نا اهل نيشي،

●

تلهہ: پلا پاڳ تن جاء جن آ رب ريجهايوء
جن نفس سرچايوء انهن کين ڪمايو،

ترڪ ڏيئي دنيا کيء ورتئون رندي رستوء
اسم ذات اندرء صحيح تن سمايو،

منبل ڪن مٿخانيء مدامي معنيٰ سانء
ماڳ مستيءَ واروء مٿي پي تن ملهايو،

هوڪو ڏيئي حقانيء حشمت سان حلاليء
مہڪار ڪٿوري هر جاءِ آهي تن هلايو،

گدا گوهر شاه گنء صحيح سمجهي صوفيء
وڪر وحدت وارو وڻجارن وهايو،

●

تلھہ: چڙٽي وٺي دل جي بيماريءِ خدا کي ياد ڪرڻو آ
دلاور دل جي نقطي سان درس ھي ڏيان ڏرڻو آ.

صحيح سڪ مؤن ٻڏي سنڌروءِ خدا جي ذڪر ۾ ھر دمءِ
درياءُ ھي دنيا واروءِ توڪل ساڻ ترڻو آ.

دنيا جو دور ھي ڪوڙوءِ جنھن ۾ ناھي نزاڪت ڪاءِ
دنيا جي غير غلبي ڪان پنھنجو ٿي پاڻ پَلٽو آ.

ڪِلڻ ناھي ڪڏھن جائزءِ گوھر شاہ گامر دنيا ۾ءِ
جڏھن ٿئي سوپ حق واري خوشيءَ مؤن پوءِ ڪلٽو آ.

●

تلھہ: عشق آياءِ رڪ راياءِ مئين ڳايا رانجھاءِ
روپُ رَنگيءِ جوڙ جنگيءِ چاسَنگي باجا.

ھير جَتيءِ گھمر گھتيءِ جھنگ جھتي آويءِ
ماھي داتاءِ پير پاتاءِ لا ناتا جاويءِ
نينھن نھراءِ جھندا ڇھراءِ سڪ سھرا ڳاويءِ
بادل ٿمڪيءِ گاس چمڪيءِ جيوين چمڪي راجا.

جوڙ باتيانءِ ڪاليان راتيانءِ ڏينھان راتيان لولي
راوي چلءِ مٺان جُھلءِ پاڪي ڳلءِ چوليءِ
ڪيتا جشنءِ وچ گلشنءِ ويکھو حسن ٽوليءِ
گھيڙ گھڙديءِ نديان ترديءِ ڪنون ڏردي خواجا.

گوھر شاہ غازيءِ ٿيسَئي راضيءِ رب سائين سھڻاءِ
گاني آڪانءِ ڦُٽيان باڪانءِ مليا من مھڻاءِ
ڏبر ڏوياءِ ڪيتي گوياءِ اِت نھين رھڻاءِ
ٻال بتيءِ چا جُتيءِ ڪَلِ ڏتي ڪاجا.

●

پوپٽ پتنگ پاڻ ۾، عاشق ٿيا اجهاڳ،
هو جوڳيئڙا جنسارجا، هو مَچ مٿي ڪن ماڳ،
هو ڪن سئير سُڄ ۾، هو عاشق مٿي آڳ،
هو ويهاڻن ويراڳ، هو منگل گوهر شاهہ مچ جا.

●

پوپٽ، پتنگ پاڻ ۾ شاهي ڪن شُغل،
هو ڪامن ڪوري وچ ۾، هو بستان ۾ بُلبُل،
هو پڙڪي پون باهہ ۾، هو قرن مٿي اچن گل،
هو سيئر جا سائل، هو منگل گوهر شاهہ مچ جا.

●

پوپٽ، پتنگ پاڻ ۾ سهسين ڪن سينگار،
هو عاشق ٿين آڳ جا، هو باغن مُنجهہ بَهار،
هو جلن وجي جوت ۾، هو گهمن مٿي گلزار،
هو واس وڻن وٽڪار، هو منگل گوهر شاهہ مچ جا.

●

پوپٽ، پتنگ پاڻ ۾ رَهي ٿيا راس،
هو سناسي سنسار جا، هو آڳ مٿي اُداس،
هو قيريون ڪاڻن قولار تي، هو ڪامن ڪوري پاس،
هو وڻ، وڻ وڻن واس، هو منگل گوهر شاهہ مچ جا.

●

جوڳي پڙهي جوش سان، فنا ٿيءَ جو فن،
گم ٿي ويڙا گر ۾، گياني گهور گگهن،
آچاڙا عميق جا، لوچي ٿا لهن،
هيرو هٿ ڪن، گوهر شاهہ چئي گر جو.

●

مورک سمجھي کين کيءِ، سٽي کيرت کتا کٽ،
ناھي تنھنجي دل ۾ ”پورن“پڌارٿ،
ڳالھ ڳجھي عشق جيءِ سٽي يڪدل چڙھيا رٿ،
سونءِ تن جي سَٿ، جن گوھر شاھ گيان کيو.

●

انتر جامي اوٿي ھوٿيءِ جي جيتني ٿي مرديءِ
”آد“ اُنھان دا خيال ھيءِ، جي نال توکل ترديءِ
من دي منشا چوڙکيءِ، تٿي بيراڳي برديءِ
سِر ”چرن“ اوپر ڌردي اپني گوھر شاھي گُر اُتون.

●

مرد رھنِ مٿخانہ ۾ مانجھي موالي،
قتل واري ڪار ۾ اچن ڪمالي،
مزو دنيا جي موھ جوءِ ضرر زوالي،
خدائي خيالي، گڏيا گوھر شاھ گام ۾.

●

اکيون دانھ دلدار تو ڌاريون ڌاڙي ڪاٽ،
گھائن گوھر شاھ چٿيءِ ڀھگڻ ھٽي ٻاٽ،
آھي اوڏاھين اڳتيءِ طالب جي تاٽ،
پنھنجو گھوري پاٽ، شائق وجي شھيد ٿيا.

●

صوفين سچاتو سچ ڪيءِ، چڏي ھنر حساب،
پڙھن اسم پرھيز سان، ڪري روح رباب،
چاتو دوُر دنيا جوءِ ھاتڪن حُباب،
عشق جي آفتاب، گوھر شاھ گلزار ٿيا.

●

# سر ڪنڀات

اٺ نہ وڃي وڳ سان، چري نہ لاٺيءِ
مَيي ڪِي محبت جيءَ وات ۾ واٺيءِ
بنا حُب حبيب جيءَ پئي نٽوپاٺيءِ
سپڙ جنھن سان ساٺيءِ تنھن غم گوهر شاهہ ناه ڪو.

•

اٺ نہ وڃي وڳ سان، ٻڌو نہ ڀورچريءِ
متو محبت ۾ وتي ڳاه ڪين ڳُهريءِ
جتن جاڙيجن ريءَ جن جي ساعت نہ سريءِ
گوڙيون بينو ڪريءِ گوهر شاهہ غم ۾.

•

اٺ نہ وڃي وڳ سان، ڀور نہ چري ٻڌو،
جھوريءَ منجھ جتن جيءَ تنھن ڳاڙي پاڻ وڌو،
ٿُو هو تنھن جو تڙ جيان، عشق سان اڏو،
جنھن نھرو نينھن ڳڏو تنھن غم گوهر شاهہ ناهہ ڪو.

•

# سُر ڪاهوڙي

گنجي ۾ تئي گُن گهٽام سمجهي ڪٽجانءِ وڪ،
پاڻي ناهه پنڌن ۾، لڳي پئي لُڪ،
وندر جي وٺڪار ۾، آهي تابش تڪ،
سائين ڪندو سڪ، گوهر شاهه چئي گس ۾.

•

گنجي ۾ تئي گن گهٽام سمجهي ڪٽجانءِ پير،
ممڙن ماري چڏيام ڪيئي جوان دلير،
پورا تي ويا پنڌن ۾ ڏس ڏونئي تنين جا ڍير،
ڪنءِ ڏٺو وڃي اجمير، گوهر شاهه گيان سان.

•

گنجي ۾ اتئي گُن گهٽام سمجهي ڪڻ قدم،
آڏيءَ رات عشق سان، اُتي اور اسم،
عيد ڏينهن اُڙد ۾ ڪتڻ ايندئي ڪم،
سَت وِسواس وَهم، گُم گوهر شاهه گُر ۾.

•

گنجي ڏنگر گام جيء پيئي جن کي ڏپ،
ڪرڪٽا ڪاهوڙي پڏيء روئندا وڃن ڊپ،
طهورا مان تڪ پي لاهوتي لپ،
تپي ڪپر ڪپ، گوهر شاهه گياني ٿيا.

•

ڪاھوڙي خرقا پائيءِ تي ڦرن ڦيريدارِ
لعلون بلوري پانت جونءِ جرڪن ڪيون جنسارِ
فسيروا في الارض فانظرولہ سيرڪن سچارِ
سينگاريو سنسارِ گوهر شاهہ گفتار ڪئي.

•

ڪاھوڙي خرقا پائيءِ ٻڌي هليا لنگ
وحدت جا وجود ڪيءِ وجهي وڏا ونگ
مثل الحيٰوة الدنيا ڪمآءِ ڏين عبرت انگ
پي جوڳيئڙا جنگ گوهر شاهہ گياني تيا.

•

پورب پيا سي هَلياءِ ڪٽي دست پناهہ
ساڏنءِ سنک هٿ ۾ ڪن الستي اوگاهہ
الا ساعة من النهارِ وڃن ٿاوٽ راهہ
آهي هڪ اللهءِ گوهر شاهہ گيان ڪيو.

•

پورب پياسي هَلياءِ پٽي هٿن جي پاڙ
مٽين مِڙهيل مُرليونءِ ڪنن ۾ ڪن ڦاڙ
امر ربي بالقسط ڪيائونءِ نفس ڪي ناڙ
ساڙي سٽن ساڙ گوهر شاهہ گياني تيا.

•

# جهنگلو

جوڳي ٿئي ڪو جوڳ ۾ لاهي لاڳاپو،
"الڪيسَ من دان نفسه و عمل ڪمابعد المَوت" نبي جو نياپو،
بنا عشق الله جي، کهڙو جيئڻ جياپو،
جن اڇلايو آپو، سي گوهر شاهہ گياني ٿيا.

•

جوڳي ٿئي ڪو جوڳ ۾ تي سُرت سان سجاڳ،
ولما بحر من ٿنبع نفسه هُو آها وثنا علي الله چڙي ڏي نياڳ،
حديث حضرت جي سُڻي، ڪي وير اورن ويراڳ،
جن چڙيو سيج سهاڳ، سي گوهر شاهہ گياني ٿا.

•

جوڳي ٿئي جوڳ ۾ ڪڙو منجهہ ڪڙي،
من عباد ارسل في غنم با فسد لهامن حرص الهوائِ،
علي المال ولاشرف الدنيا طمع سي تڙي،
سٽي ڳالهہ سرور جي ڪو لاهوتي لڙي،
پورن، نام پڙهي، گوهر شاهہ هن گس ۾.

•

# سُر ڏهر

اسان اوڏڙين جيءِ لاکي کنئي لڄ،
کنڀون کير خومچاءِ کائي کياسين رڄ،
عالم جيِ آزار جيءِ لٿي پورهيتن پَڄ،
قربئون کٽي کڄ، گوهر شاهہ گلزار ٿيا.

•

اسان اوڏڙين جيءِ کنئي لڄ لاکئي چامہ
اپوچهن ڏئين تونءِ کري قرب کلامہ
ويڙها تو وسائياءِ تنهن جو نهرو نامہ
جي پيا لاکي جي سامہ سي گوهر شاهہ گلزار ٿيا.

•

اسان اوڏڙين جيءِ لاکو لڄ کٽيءِ
مان موركن کيءِ ڏٺي کاءِ ڳاڻو ڳالهہ ڳٽيءِ
ميرن منگتن جاءِ سپڙ سڻ سٽيءِ
جو لوکان لکي پُٽيءِ سو گوهر شاهہ گياني ٿيو.

•

چنل چچ هٿن ۾ءِ کوڏارا کلهنءِ
قوت کرڻ پانهنجيءِ وجي پيٽيون اڏنءِ
اوچتو ٿي آئيوءِ لاکو مٿئون تنءِ
ويندي ويچارنءِ گوهر شاهہ غم نا کيو.

•

ميرا پَسي مگَٽام سڻ کيا سپڙ
کين سُٽون تا کنن سان، آهيون ٻال ٻپڙ
پيا آهن پٽ ۾، ٽيشڻ تي ٽپڙ
تاڙي وڄائي تڪڙ، گوهر شاهہ گانا چوي

•

ميراپَسي منگٽام سپڙ سڻ کري
سڀوڄهہ سٽي سڏا وياءِ پرٿئون پير پري
اڀوڄهن آهي آسروءِ تہ اڃهو ٿو ڍول ڍري
پرين نہ ٿيو پريءِ آ گڻ گوهر شاهہ گهر ۾

•

تون سپڙ آءُ سيڪڙوءِ تون خاوند آءُ خادم
نو در دانهياٽي اڇيءِ پلوُ ڳچيءَ پائم
ڪر ڏاتر ڏنگايون معاف تون، رکج شان شرم
تنهن جي لاءِ صنمءِ گوهر شاهہ گسڙا ڏسان

•

تون سپڙ آءُ سيڪڙوءِ تون نرمل آءُ نوکر
پاٺي پرينديس در جوءِ تي چاه منجهؤن چاکر
مهر مگَٽي تي کجاءِ ڏيه منجهؤن ڏاتر
تنهنجي ناٿ نظرءِ گهرجي گوهر شاهہ چوي

•

تون سپڙ آءُ سيڪڙوءِ تون ڏٺي آءُ دُشٽ
مهر گهرن تا منگٽام کٽي کوه کشٽ
کڄان ٻانهن تي ٻاجهہ ڏجان عشَق اُلهٽ
آهي گوهر شاهہ گلٽ، کندين سون سپڙ چام تون

•

كنيا تل كري خبرون، پورب پنڌن جون
پچارون پاتار جيءَ اونهي هنڌن جون
تنزل الشياطين تنزل عليٰ كل ؔ افاك اثيم باتيون بندن جون
ساعتون سُڌن جون، گذرن گوهر شاهہ چئي

•

پورب منجهہ پوربياءِ پل پل پوكاري
آديسي عجيب جيءِ موهيا مهاري
فعسي الله ان ياتي مثل جياري
آسڻ اُجاريءِ گوهر شاهہ گُر پاڙهئي

•

لنوي مُنيءَ تي لاتيون، كانگل كنيون كر
ڏئي نياپا نُينهن جاءِ دوڙي مٿي دَرَ
فاما من تاب وآمن سي ٿيا سپر
كنيا تل جي خبر، گوهر شاهہ چئي گام ۾

•

لنوي مُني تي لاتيون، كانگو كر كنيون
پرين جي پئيمان جاءِ پيالا پر پيون
وعمل صالحاً دليون پاك ٿيون
قاصد اچي كيون، گوهر شاهہ گفتارڙيون

•

كنيا تل كري خبرون، عجائب عجيب
پورب جي پيغام كيءِ كي نياڻين نقيب
ولا يزنون ومن يفعل ذالك يلق اثامًا چاٿي كو قريب
كي حُسن جا حبيب، گڏيا گوهر شاهہ گُر كي

•

# رامڪلي سي حرفي

(الف)

الفئون اسم الله جوءِ عاشقن ڪيو اثبات
مورت جي مٿخاني ۾ سجاتائون صفات
قل ان ربي يقذف بالحق علام الغيوب بي رنگ آهي بات
ڪري تونهين تون جي تاتءِ گڏيا گوهر شاهہ گُر ڪي

(ب)

بيئون بيراڳي بات نہ ڪنءِ محبت پڌي مَڻ
سنرا سي سنسار ۾ جن گهوريو هاديءَ تئون هڻ
ان اعبدالله ولا اشرڪ به اليه ادعوا واليه مٰاب سالڪن ڪي سڻ
پَڌي لاهوتي لڻءِ گڏيا گوهر شاهہ گُر ڪي

(ت)

تيئون تات جن ڪيءِ سي رندي ڪن رسم
گهونگهٽ جي گيان سانءِ ٿي ويا گوندر گم
والله يحڪم لا معقب لحڪمه وهو سريع الحساب مجو هاديءَ جو حڪم
گهوري هڏو ۾ چمءِ گڏيا گوهر شاهہ گُر ڪي

(ث)

ثيئون ثمر صورت جوءِ ڪو ڪاپڙي ڪري
وهٽ ويسهہ ورد سانءِ وحدت ۾ وري
انک الله يهدي من يشاءُ جيڪي رب گهري
سي واڏو وڪ پريءِ گڏيا گوهر شاهہ گُر ڪي

سَنهون ڪتڻ نہ سگهيس، تہ رنياروڙ پيو
اتي توڪي اڏارو، ڪون ڏيندو پيو
ڇڏي آتڻ ارٽ، ڪيئي لڏي لوڪ ويو
هڪ قائم نام ٿيو، گوهر شاھ چئي ”گر“ جو

•

ڪتڻ واريون ڪيتريون، ويٺيون ايت اُليڙي
مونا مجيون، مڪڙيون، ڇڏيئون ارٽ جون اڪيڙي
سچڻ ڪي سَيِي پرئين، سي نہ ٿيون نيڙي
نفس لوڀي ليڙي، گوهر شاھ گمراھ ڪيون

•

جان، مون آتڻ نهاريو، تہ پاند مون ڀيرا
اورڻ واريون اُتي ويون، خالي پيا ڏيرا
پيئڙ هڻ بر ۾، ڪپڙا ٿيا ميرا
دلبر جا ديرا، ڏسان گوهر شاھ گسن ۾

•

جان، مون آتڻ نهاريو پائي پاند ڪَپھ
نڪا ڪاپائتي ڏيھ ۾، جن سان هو صلح
وندر جي ويراڳ ۾، ويهاريو ويسھ
هڪ نينهن ٿيندو نيبھ، گوهر شاھ گس ۾

•

سنهون ڪتڻ نہ سگهيس، تہ مَرُ رنيائي روڙا
ڏور محبت موڪ جي، ڙِڪَ جي مٿان نہ چوڙ
عشق جا نوان ايت تي، جوتا ٻڌي جوڙ
مالهان پيو موڙ، انهيءَ گوهر شاھ گهر ۾

•

ڏکِ ونگي ورگهٽام پيو اٿت پيو الڙيءِ
آهي پوريءَ جي مٿانءِ اجا پيري ڪا پلڙيءِ
ڪٿڻ وارين جو ڪاپائٽيونءِ پوندي وهاڙهي ۾ هلڙيءِ
سي ڪوڙيون ٿيون ڪلڙيءِ جي غافل گوهر شاهہ گر ڪان

•

ڪوجو وَهہُ ڪاپائٽيءِ ڪتي لاهي ڪَٽ
وَهي تنهن جو وحدت ۾ اسم ساڻ ارٽ
چورڻ چرخي جي چڻئونءِ من جو هٽي مرٽ
ڪوجي راند ڪٽ گوهر شاہ هن گس ۾

•

ڪو جو وَهہُ ڪاپائٽيءِ ڪتي قرب سانءِ
اوري ارٽ اڌ رات جوءِ تڪي طلب سانءِ
ماري پنهنجي من کيءِ هڪ ذڪر ضرب سانءِ
ڪتڻ قلب سانءِ ڪو گوهر شاهہ گرُ ڪان سڪي

•

ست تنهين جو سقروءِ جي اورن ٿيون آڌي
بنا ڪار ڪتڻ جيءِ پيون بند ۾ آهن باندي
جنهن کي عشق ارٽ جوءِ سا وس ڪان ناهي واندي
تنهن ڏنو وجي هاديءِ گوهر شاهہ چئي گام ۾

•

ڪوجو وَهہُ ڪاپائٽيءِ ڪتي ۾ ڪنبيءِ
ست تنهن جو سقروءِ سموهي سنبيءِ
پها عجائب ارٽ تيءِ آرسان انبيءِ
چاهہ جي چنبيءِ گوهر شاہ گمراہ ڪئي

•

چرخو چور چاهہ مؤن، ڪاپائتني تون ڪَت،
اِيرو اوڙج عشق سان، تي محبت منجهہ مست،
آتڻ ۾ عجيب لئي، روئج ويٺي رَتُ،
پرور رکندو پت، ٻڌي گفتا گوهر شاهہ جا

•

چرخو چور چاهہ مؤن، ڪت پيئي ڪوڙي،
ڪنيو ويٺي آهين، مٿي تي موڙي،
قسمت آندي ڪوهہ ڏي، جيئن وڃي واڇوڙي
ڏريندا منجهہ ڏوڙي، گوهر شاهہ چئي گس ۾

•

چرخو چور چاهہ مؤن، ڪتڻ ڪم ايندو،
سياڻ ڏينهن ڏياريءَ جي، پڇن جو ٿيندو،
قربي لوڪ فيض جو، مبارڪ ڏيندو،
نينهن وٺي نيندو، گوهر شاهہ چئي گرُ ڏي

•

چرخو چور چاهہ مئون، ڪتڻ چڱي ڪار
عيد ڏينهن اڳهاڙن، پوندئي خبر چار
آريچن جو ائيت سين، آهي ڏاڍو پيار
سبي هوندا باغ بهار، گوهر شاهہ گلزار ۾

•

چرخو چور چاهہ مئون، ڪتج ڪاپائتني
وساري ويهہ نہ اُبرو، تر ۾ سُست تي
ست ڪتج تون سقرو، پاڪ پيالو پي
جن ڏنو مري جي، سي گڏيا گوهر شاهہ گرُ ڪي

•

چرخو چور چاڪ مٺون، ڪتج ڪميٽي
سپڙ جي سنپال ۾ ڪين تج هيٺي
پھچائيندو پھيٽڙاءِ پانهن ڏئي ٻيٽي
تن پاڪر ملي ٽيٽي، جن هِت گوهر شاهہ گرُ ڏٺو

•

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، ساهين هڻ سُتي
صباح توري ٽُريءَ ۾ ونندئي وڪر هُتي
چو ڪٽي حيران ڪيئي، پٽڪڻ من پُتي
انهيءَ ڪاري ڪُتيءِ، گوهر شاهہ گمراهہ ڪيو

•

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، سُتي هڻ ساهين،
چونہ چاتيءَ چرڪ سان، ڪتڻ ۾ ڪاهين
ٻنا ڪار ڪتڻ جيءِ موڳي چڻ آهين
ٺاهي پٿي ٺاهين، گوهر شاهہ چٽي گهرَن ڪي

•

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، ننڊ جي لڳئي نوڪ
توکي سعيو ناهي ڪوءِ لڏي پيو ٿو لوڪ
ڪوڪاري پٿي ڪانگ جان، جهانگيئڙن جي جهوڪ
ٻيو ٻڏڻ وارو ٻوڪ، گوهر شاهہ گر هيڪڙو

•

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، لڏي پيو لوڪ
توکي آهي منجهائيو، لوڪ سندي ٽوڪ
سوا گهڙيءَ جو ڪيل آ، دنيا واري جهوڪ
روڳ ڪري ٿو روڪ، گوهر شاهہ چٽي گرُ ڪان

•

# سسئي

آڏءِ ڏِرچا آهڙا ڇبل ۾ ڇھولاءِ
اوکا گھيڙ ڇبل جاءِ ٻيا رائي ۾ رولا
سسئي ريءَ سڄڻ جيءِ ٻي ڪير ڪري ڳولا
ٿيا ڇھاڙيون چولاءِ گوهر شاهہ ڇٿي گس ۾

●

ڪرڙا ڏونگر ڪَهَ گھٽيءِ جت رائو تتورڻ
حب مئون هلندي موت ڏيءِ ڪا ڇڏي آتڻ
پونڌو پرت وارن ڪيءِ هاڙهي منجھہ هلڻ
سڄن منجھہ سڄڻءِ گڏبو گوهر شاهہ گس ۾

●

ڪرڙا ڏونگر ڪَهَ گھٽينءِ جت رڻ پٽ رائو
تتل ڏينهن تابش جوءِ ڪونہ ڏٿي ڪائو
گڏجي هلي گس ۾ءِ پاڻيڻ نہ ڪو ٻائو
هاڙهي ۾ هائوءِ گھلي گوهر شاهہ واءَ ٻيو

●

ڪرڙا ڏونگر ڪَهَ گھٽيءِ جت رائي پير رَتا
پير پيادن جا ڏينهن جيءِ تابش منجھہ تتا
ڪي هلندا هاڙهي ڏي جي سڄ ۾ ستا
ڪي وڃي پهتا گوهر شاهہ ڇٿي گھوٽ ڪي

●

آڏ ترڇا آهڙاءِ اوکي ونڊر واٽ
جنهن ڪي پياس پنهل جيءِ سا هلي ٻاري لاٽ
تنهن ڪي منجھائيو آءِ لکن جي لوساٽ
گھيڙ گوهر شاهہ گھاٽءِ ڇبل جا جھاڳي وٿي

●

# بيت گڏيل

صحيح، سونو سک سان، رکيو جن ناتو
محبت جي مٺخان ۾، پيچ جنين پاتو
ناتو جن لاتو، سي گوهر شاهہ گلزار ٿيا

•

آهن عشق ميدان ۾، دهشت وارا ڏچ
تهمت پسي عشق جي، پڇٽو آهين تہ پچ
گهڙُ گوهر شاهہ پڙ ۾، لوڪئون لاهي لڄ
اٿئي جيڪي اڄ، چڻ سارَ سياڻي روز جي

•

صوفي صاحب خيال جا، عشق جا امير
طالب تنهين نامَ جا، پڙهيا پنڊت پير
دعائون گُهرن درويش کان، راجا ۽ وزير
جنهن جو نام فقير، تنهن غم گوهر شاهہ لاهيا

•

ڪي بنا عشق الله جي، ڳالهين جا ڳهير
ڪي محبت جا مهمير، گوهر شاهہ گلزار ٿيا

•

پتنگ چوائين پاڻ کي، تہ مچ ڏسي نہ موٽ
ڪاهي پئہ ڪڙ ڳاهہ ۾، عاشق چڙي اوٽ
راز گوهر شاهہ راز سان، وجي راز پچائج روٽ
گهڙ تہ ٿئين گهوٽ، منصوري ميدان ۾

•

سنبري هليا ستگر ڏيہ، ڪري يقينؤن ياد
ملحد ڪي ميدان ۾، ماري ڪيائون ماد
جڳت جي جوفي ڪنئون، عاشق ٿيا آزاد
گوهر شاهہ ارشاد، عشق ٿين الله جو

•

سنبري هليا ستگر ڏيہ، راول ٿي راڳي
مست ٿيا مسروري، صورت پسي ساڳي
دل هميشہ دم جي، وحدت ۾ واڳي
جوان ڪي جاڳي، گڏيا گوهر شاهہ گر ڪي

•

نفس آهي نڳ، من ريهي ٿو منٿ ۾
درويشن دم ڏيان جو، دوڙي ورتو دڳ
ڪاڪا صورت قرب جي، جوفي ۾ سارو جڳ
سورهہ ماري سڳ، گوهر شاهہ گلزار ٿيا

•

پائي پير پڙ ۾، ٿيا پڌر پهلوان
پسڻ ۾ پٿمال ڪيا، پنبڙين جي پٿڪان
پچَن پسن پرڪي، پياسي پروان
پرين ڪاٽن پان، گوهر شاهہ پرت مَٿون

•

بي بيان عشق جي، آهي ٿنا ساراهہ
ڪيرايَٿي ڪان هٽي، ديوانا داناهہ
گوهر شاهہ چٿي گُر جو، برهہ بي پرواهہ
عاشقن الله، ووڙي لڌو وٿڪار ۾

•

چوٿين ڏينهن ڇيڄ ساڻ، نچن ٿا نانگا
محبت جي ميدان ۾، سڀ سانگا
ڪَري رسياءِ رمزَ ڪِيءِ پنڌ اٿانگا
ٿي برهہ جا بانگاءِ عاشق ٿيا الله جا

•

ستاويهين ڏينهن ڪن ٿاءِ سئير سلطاني
لاهوت لامڪان ڪٿون، لنگهيا لاثاني
اصل عارفن جوءِ شوق شاهاڻي
صاحب سيلانيءِ عاشق ٿيا الله جا

•

اٺاويهين ڏينهن ۾ ڪن ورهہ جو ويراڳ
مٿي پيئن متوال ٿيءِ ملي محبت ماڳ
اڇي لڳو عشق جوءِ بيراڳين کي ڀاڳ
ڇڏي سڀ سهاڳءِ عاشق ٿيا الله جا

•

اوڻٽيهين ڏينهن آب پيئن اڪسير
ڪوڙي شاميانا شوق جاءِ محفلون ڪن مير
عجب عوشاقن جوءِ برهہ بينظير
ڪٿي فڪر فقيرءِ عاشق ٿيا الله جا

•

ٽنگي ٽنگو ٽيون ويهن ويراڳي ٽيهين ڏينهن ٽلي
آهي آر الک ڏيءِ درويشن دلي
ڳنڍيا گوهر شاهہ گُر ڪيءِ مَنجهئون حُب هلي
ڪري پچن پلي‌ءِ عاشق ٿيا الله جا

•

# ”ڪين“ جا بيت

سي ڪيني منجھئون ڪين ٿياءِ جن قرب سڃاتو ڪين
ڪين ڄاڻي پاڻ ڪيءِ ٿيا هستي ڇڏي حسين
ڪين جي ڪارونيار ۾ ٻولي ٻولين ٻي نہ
ڇڏي ڪفر دينءِ ٿيا گم گوهر شاھ ڪين ۾

•

ڪوپا ملٰيا ڪين ڏيءِ ڪري ڪاهو ڪاھ
وياٰ قلزم ڪين ۾ سانگو لاهي ساھ
پسيائون ڪين پاتار ۾ عينن سان الله
جن ڪي عشقؑ ٻتائي راھ سي مرڪن گوهر شاھ گل جيان

•

ڪي ڪاهي ويا ڪاپڙيءِ ڪيني ۾ ڪامل
نٻي هٽي ڪيني ۾ ڪين ڄاتائون ڪُل
ڪاٺو پسي ڪيني جوءِ ٿيا ڪين وارا قابل
ڪينو ڪري قتلءِ ڳڏيا گوهر شاھ ڪين سان

•

سي ڪامل ڪرامت جا ڏٺيءِ ڪين جن جو قوت
ڳهڙيا گوهر شاھ ڪين ۾ آر منجھئون آڏوت
ڪين منجھئون ڪڪور جيءِ ٿيڙا سچ ثابوت
مرد سي مظبوطءِ جي ڪين ڪمائي ڪين ٿياءِ

•

مارن مشتاقن ڪيءِ تنهنجي پنبڙين جا پئيڪان
سوين هن سنسار ۾ تنهنجي حسن ڪيا حيران
شمع وارا شعاع تي پچي ٿيا پروان
سڪندر جهڙا سلطان گهور گوهر شاھ گهائيا

